کل جا
ٽٺمٽڙا

ليکڪ: نذير حسين پٽي

ڪل جا ڪٺمتڙا

ليکڪ:

نذير حسين پٽي

سينگاربندڙ

بابر

چاپيندڙ:

نويد بڪ ڊيپو

جيلاني مارڪيٽ شاهي بازار حيدرآباد

ڪتاب جو نالو،	**ڪل جا ڪتمنڙا**
ليکڪ:	نذير حسين پٽي
سينگاريندڙ:	بابر
ڪمپوزنگ:	تنوير احمد فيروز سهٽي ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سينٽر ڪوڪر پاڙو حيدرآباد
ڇپائيندڙ:	بابر بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو
ڇپجڻ جو سال:	٢٠٠٢ع
تعداد:	
ڇاپو:	پهريون
قيمت:	5-00 روپيا

ٻه اکر

هر مائٽ پنهنجي اولاد کي خوش ڏسڻ جو خواهان هوندو آهي. ٻارن کي خوش رکڻ لاءِ مائٽ ڪيس ڪل ۽ خوشيءَ جو هر سامان مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. انهيءَ لاءِ جتي ٻيا ذريعا استعمال ڪيا ويندا آهن، اتي ڪل ٻوگڻ جا ڪتاب به اهم ذريعو ثابت ٿيندا آهن، ڇاڪاڻ ته هڪ طرف ڪتاب ٻارن کي خوشيءَ جو سامان مهيا ڪن ٿا، ته ٻئي طرف انهن ۾ شامل نصيحتون به ٻارن جي ڪردار ۽ اخلاق جي بهترين تعمير ڪن ٿيون.

جناب نذير احمد پنيءَ جو هيءُ ڪتاب به انهيءَ مقصد کي آڏو رکي لکيو ويو آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ نه صرف ٻارن لاءِ بلڪه نوجوانن لاءِ به هڪ بهترين تحفو ثابت ٿيندو.

اوهان جو پنهنجو

مشتاق ”مسرور“ باريچو

ڪل جا ڪٽمنڙا

سچو اديب اهو آهي جيڪو سچ ڳولي سگهي ۽ ٻولي سگهي. (استاد بخاري)

پيارا پڙهندڙ:

هن ڪان اڳ توهان ڪل چرچي جا ڪئين ڪتاب پڙهيا هوندا. پر هن اصل نسخي ۾ اهڙا ٽوٽڪا ۽ ٻوڳ چرچا ڏنا ويا آهن. جو توهين کلي کلي ڪيرا ٿي پوندا.

۽ ٻنا ٽهڪ، ٿوڙي ٻڌا ٽهڪ جي يادگيري اچي ويندي هونئن تہ بيڪن جو قول آهي تہ خاموشي نند مثل آهي جيڪا علم کي تازو ڪري ٿي.

پر زندگي جي يڪسانيت کان ڪڪ ٿي انسان هڪ دفعو وري بہ پاڻ کي وندرائڻ لاءِ ڪي ڪتاب پڙهي ٿو. جيڪي ڪيس هڪ دفعو معصوم ۽ حسين بنائي ڇڏيندا آهن.

هي ڪتاب بہ انهن مان هڪ آهي.

- ليکڪ

***

هڪ چور ڪنهن گهر ۾ چوري ڪرڻ آيو، چابي مالڪ جي وهاٽي هيٺ هئي، آواز تي مالڪ اکيون کولڻ بنا پڇيو، ڪير آهي. چور جواب ۾ چيو، ميائون... مالڪ بي ڪتڪو وري سمهي رهيو.

چوري جي ڪوشش تي هن ڪي وري سجاڳي ٿي پڇيائين "ڪير آهي" چور جواب ۾ وري "ميائون" چيو، جڏهن ٽي دفعي مالڪ پڇيو ڪير آهي، چور جواب ڏنو ٻه دفعا چيم ته ٻلي، وري وري جواب ڏيندس ڇا، ڪو تنهنجو نوڪر آهيان.

***

هڪ بيوقوف: يار ربل ڪار ڇا کي ٿا چون؟

ٻيو بيوقوف: (جلدي) جنهن ربل ۾ ڪارون هجن.

***

هڪ بادشاهه محل مان نڪتو ته ڏٺائين هڪ شاعر ڪجهه ڪي رهيو هو.

بادشاهه پڇيو: ڪهڙو ڪوڙ پيو گهڙين؟

شاعر ادب سان جواب ڏنو. حضور جي تعريف پيو لکان.

***

جج (چور کي) تو هن ماڻهو جي گهڙي ڪيئن ڪڍي.

چور: حضور مون اهو فن ويهن روپين ۾ سکيو هو، توهان به 20 روپيا ڏيو ته توهان کي ٻڌايان.

***

استاد (شاگرد کي) ٻڌاءِ پاڪستان جا پنج دريا ڪهڙا آهن؟

شاگرد: سائين هڪ راوي، ٻي جو نالو ٿورو ڏکيو آهي،

تيون مون کي هينئر وسري ويو، چوڻين جو نالو ڪتاب ۾ ڏنل آهي. آءٌ توهان کان پڇڻ وارو هوس.

***

حڪيم (مريض کي) آءٌ توکي اهڙي دوا ڏيندس جو تون جوان ٿي ويندين.

پوڙهو مريض: نه حڪيم صاحب، پوءِ مونکي پينشن ڪير ڏيندو.

***

جج (چور کي) تون دل جي ڳالهه ٻڌاءِ ته تو چوري ڪئي آهي.

چور: حضور مون کي اهو فيصلو ڪرڻو آهي ته پوءِ توهان جو وقت ضايع ڪري رهيا آهيو.

***

هڪ ٿلهو ماڻهو هڪ سنهي ماڻهو سان مليو ۽ چيائين توکي ڏسي ائين ٿو محسوس ٿئي ته جڻ ملڪ ۾ ڏڪار آهي.

سنهي ماڻهو جواب ڏنو. اوهان کي ڏسي ائين معلوم ٿو ٿئي ته ڏڪار جو سبب ڪهڙو آهي.

***

هڪ ماڻهو روڊ تان وڃي رهيو هو ته هڪ سپاهي کيس روڪي پڇيو. اوهان جو اسم شريف ڇا آهي؟

واٺهڙو ڪوبه جواب نه ڏنو، سپاهي ٻه دفعا پڇيو. آخر ڪاوڙ ۾ چيائين. توهان جو اسم شريف ڇا آهي؟ واٺهڙو ڊڄي ڊڄي جواب ڏنو. سائين اسم شريف ته ڪونه ٿو اچي، چئو ته درود شريف ٻڌايان.

***

(نوڪر ڪان چانهه جا ٿانو ڪرن ٿا)

مالڪ (نوڪر کي) اڙي احمق، تو جيڪو نقصان ڪيو آهي اهو تنهنجي پگهار ڪان وڌيڪ آهي،

نوڪر: حضور تڏهن تہ آءٌ چوندو آهيان تہ منهنجو پگهار وڌايو جيئن اهو نقصان پورو ٿي سگهي.

***

پٽ (پيءُ کي) بابا اهو سچ آهي تہ حضرت آدم پنهنجي پيءُ بنا جائو.

پيءُ ها پٽ، خدا ان کي پنهنجي قدرت سان پيدا ڪيو هو، مگر تون ڇو ٿو پڇين؟

پٽ: آءٌ سوچيان ٿو تہ هو خوشنصيب هو جو پيءُ جي مار کان بچي ويو.

***

هڪ حڪيم صاحب هڪ مريض کي دوا جون پڙيون ڏينديں چيو، هڪ پڙي صبح جو، هڪ پڙي شام جو ٻڪريءَ جي کير سان پيجان.

شهرن ۾ ٻڪري جو کير مشڪل سان ملي ٿو. ان ڪري مريض پڇيو. حڪيم صاحب جي ٻڪري جو کير نہ ملي.

حڪيم: پوءِ فڪر نہ ڪر، هرڻي جو کير استعمال ڪج.

***

هڪ آفيمي، (ٻئي آفيمي کي) يار هي آسمان ۾ ڳاڙها ڳاڙها گول ڇا جا آهن.

ٻيو: يار- آءٌ پاڻ هن شهر ۾ پرديسي آهيان.

***

هڪ اديب پنهنجي زال کان پڇيو، هي ڪهڙا ڪاغذ پئي سازين.

زال جواب ڏنو: قسم وٺين جي مون سادا پنا ڪٺا هجن، اهي سازيان پئي جيڪي سڀ لکيل آهن.

***

استاد: اڙي ٻڌايو سڀ کان وڌيڪ گرمي ڪٿي ٿيندي آهي؟

شاگرد (سوچي) سائين تندور ۾.

***

ملازم (مالڪ کي) سائين: اڄ اوهين خدا جي فضل سان لکپتي آهيو، پر مون کي اهو وقت ياد آهي جڏهن اوهان جي پير ۾ جتي به ڪانه هوندي هئي.

مالڪ (ڪاوڙجي) اڙي چا چئه؟

نوڪر: حضور منهنجو مطلب آهي جنهن وقت توهين غلسخاني ۾ ويندا هئا، ان وقت.

***

هڪ پوڙهو هميشه پنهنجي پوٽي سان گڏ مسجد ۾ جمع نماز ني ويندو هو. پر مولوي جي واعظ وقت سمهي رهندو هو. هڪ ڏيهن مولوي ان ڇوڪر کي گهرائي چيو، آءُ توکي هر دفعا به روپيا خرچي ڏيندس، تون ڏاڏي کي واعظ وقت سمهڻ نه ڏجانءِ.

ٻي دفعي مولوي صاحب ڏٺو ته پوڙهو وري واعظ دوران ستو پيو آهي، هن سندس پوٽي کي ڪاوڙ مان چيو، مون توکي چيو هو ته پنهنجي ڏاڏي کي سمهڻ نه ڏجان، ته ترکي به روپيا خرچي ڏيندس.

چوڪر: پر مولوي صاحب ڏاڏي مون کي ٽي روپيا خرچي ڏني هئي. نہ جاڳائج تہ، پوءِ ڇا ڪرڻان.

***

مسافر ملاح کي: ٻيڙي لڏي پئي، منهنجا حواس خطا پيا ٿين، تون ٻڌاءِ ڪو خطرو تہ ڪونهي.

ملاح: حضور: خطري جي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي، منهنجي ٻيڙي جو بيمو ٿيل آهي.

***

هڪ مصور، هڪ مريض جي تصوير ٺاهي ۽ هڪ ڊاڪٽر صاحب کي ڏيکارڻ آيو.

ڊاڪٽر تصوير کي غور سان ڏٺو ۽ مصور پڇيو سائين ڪيئن آهي تصوير؟

ڊاڪٽر فڪرمند ٿي چيو: ويچارو بچندو ڪونہ هن کي پيٽ جي بيماري ٿي پئي آهي.

***

هڪ بيوقوف کي ڪنهن ڏوهہ ۾ ڦاسي جي سزا جو حڪم ٿيو. هن چيو، خدا جو شڪر آهي جو ڦٽڪن جي سزا نہ ٿي، هاڻي هي ماڻهو مون کي جلد ڦاسي ڏين جيئن آءُ پنهنجي ڪم تي وڃان.

***

هڪ اڻ پڙهيل شودو، پڙهيل ماڻهو جو ٻٽون ڪڍي وٺي ڀڳو. پڙهيل سندس پويان ڪافي ميل ڊوڙندو ويو آخر هو اهڙي در ۾ گهڙي ويو جنهن جي مٿان لکيل هو. "بنا اجازت اندر اچڻ جي منع آهي."

پڙهيل ماڻهو اجازت حاصل ڪرڻ لاءِ بيهي رهيو.

***

پٽ: (پيءُ کي) آءٌ توهان کي منهنجي شادي جي دعوت نه ڏيندس.

پيءُ: اهو ڇو.

پٽ: ان ڪري جو توهان جڏهن شاد ڪئي هئي تڏهن مون کي دعوت ڪونه ڏني هئي.

***

هڪ شخص سائيڪل تي رات جي وقت تيزي سان وڃي رهيو هو. اوچتو هن جو هڪ راهگذر سان ٽڪر ٿيو جو ٻئي ڪري پيا ۽ ٻنهي کي ڌڪ لڳا.

سائيڪل سوار ڪاوڙ ۾ چيو: سائيڪل جي اڳيان بتي لڳي پئي آهي ته به توکي ڏسڻ ۾ نٿي اچي.

راهگذر آهستي وراڻيو: پاڻ اونده هئي، ڏسڻ ۾ ڪونه آئي.

***

استاد (رئوف کي) توکي فخر آهي ته تون انگريزيءَ ۾ تمام هوشيار آهين. چڱو هن جملي جو انگريزي ۾ ترجمو ڪر هو منهنجو گهرو دوست آهي.

رئوف: هي از ماءِ اندر ويئر فرينڊ.

***

هڪ مرندڙ واڻئي جي ويجهو گهر جا سڀ ڀاتي ڏک ۾ وينا هئا. اوچتو واڻئي پاسو ورايو ۽ اکيون کوليون سڀ ماڻهو هوشيار ٿي ويا.

پوڙهي واڻئي پڇيو. منهنجو وڏو پٽ ڪٿي آهي. وڏي پٽ

جواب ڏنو. آءٌ هتي آهيان بابا.

پوڙهي وچيئن پٽ لاءِ پڇيو، ان جواب ڏنو آءٌ هتي آهيان بابا.

پوڙهي ننڍي کي سڏ ڪيو ان چيو. فڪر نہ ڪر آءٌ بہ هتي وينو آهيان.

پوڙهي ڪاوڙ مان چيو: ڪمبختو، سڀ هتي مئا پيا آهيو تہ دڪان تي ڪير آهي.

***

پٽ (پيءُ کي) بابا اڄ آءٌ روپيو خرچي وٺندس.

پيءُ حيرت مان سو وري ڪيئن.

پٽ: بابا توهين چوندا آهيو تہ مهانگائي وڌي آهي ان ڪري آءٌ انن آنن بدران هڪ روپيو خرچي وٺندس.

***

استاد (شاگرد کي) پٿر جو جمع ٻڌايو.

شاگرد: سائين جبل.

***

پيءُ (پٽ کي) ابا تون ڪڏهن بہ شرارتي ٻارن سان نہ وڙهندو ڪر.

پٽ: بابا تنهن ڪري تہ مون اسڪول وڃڻ ڇڏي ڏنو آهي.

***

استاد (شاگرد کي) پٽ ائين ٻڌاء تہ سڪندراعظم جي مرڻ کان پوءِ ڇا ٿيو.

شاگرد: سائين کيس ڪفن ڏيئي دفن ڪيو ويو ٻيو ڇا ٿيو.

***

هڪ شاگرد پنهنجي استاد کي چيو "سائين مون کي جادو سکڻ جو گهڻو شوق آهي."

استاد: ڀلا چو.

شاگرد: سائين انهيءَ ڪري جو جڏهن اوهان سون کي ماريو، ان وقت آءٌ غائب ٿي وڃان.

***

هڪ ڳوناٺو پهريون*دفعو هڪ ريلوي اسٽيشن تي پهتو ۽ ٽڪيٽ گهر جيءَ ڪلارڪ کي چوڻ لڳو.

"سائين مون کي هڪ ٽڪيٽ ڏيو."

ڪلرڪ پڇيس: توکي ڪٿي جي ٽڪيٽ کپي.

ڳوناٺي سادگي سان جواب ڏنو.

"منهنجي ساهرن جو سائين."

***

هڪ شرابي رات جو سمهڻ مهل ڪپڙا بدلائي سمهي رهيو. ٿوري دير ۾ هن رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون ته مون کي فالج (اڌ رنگ) ٿي پيو آهي.

ڊاڪٽر آيو ته خبر پئي ته هن جون ٻئي ٽنگون هڪ پانچي ۾ گهڙي ويون هيون.

***

هڪ انيمل هيسبنڊري (حيوانات) جو آفيسر دوري تي هڪ ڳوٺ ۾ آيو ۽ هڪڙي گهوڙي واري کي گهرائي پڇيائين، تون روز هن کي ڪيترو ڪاڌو ڏين ٿو؟

ڳوناٺي جواب ڏنو: حضور ٻه مڻ گاهه ۽ ڏهه سير دال.

آفيسر: هيترو وڏو جانور، هيترو گهٽ ڪاڌو ٿو تي پنج

سئو روپيا ڏنڊ ۽ ٽي مهينا ٽيپ ڏني وڃي ٿي.

ان بعد هڪ ٻڪري واري کان پڇيائين، تون هن کي ڪيترو ڪاڏو ٿو ڏين.

ٻڪري واري جواب ڏنو، سائين ٽي من گاه اڌ من داڻو.

آفيسر: هي تمام گهٽ آهي، توکي ٽي مهينا ٽيپ ۽ پنج سئو روپيا ڏنڊ آهي.

ان بعد هن ڪڪڙين واري کي گهرائي، ان کان ساڳيو سوال ڪيو، ڪڪڙين واري دل ۾ سوچيو ته هاڻي کهڙو جواب ڏيان، چيائين سائين آءُ هنن کي نقد پئسا ڏئي ڇڏيندو آهيان جيڪي وڻين سو کائين.

آفيسر: جواب ۾ ڪنڌ لوڏي هائوڪار ڪئي ۽ ان کي ڇڏي ڏنائين.

***

هڪ استاد شاگرد کان پڇيو، نماز ۾ ڪيتريون رڪعتون هونديون آهن؟

شاگرد: جهٽ جواب ڏنو. سترنهن.

پرسان ويٺل ڇوڪري نوٽنٽ هٽي هري هري چيو: "اڙي ٻارنهن چئو، ٻارنهن."

ڇوڪر جواب ڏنو: اڙي مڃي هو سترنهن ۾ نٿو، ٻارنهن ۾ ڪيئن مڃيندو.

***

هڪ ڇوڪر پيءُ کان پڇيو: بابا هي ماڻهو گڏهه کي ڪنن کان ڇو جهلي وڃي رهيو آهن.

پي جواب ڏنو: پٺ ڪر تي ٽا وني وڃن.

ڇوڪر چيو: مون سمجهيو تہ اسڪول تا وني وڃن.

***

هڪ شخص پنهنجي زال جي صحت جي تعريف ڪري رهيو هو، انهن مان هڪ چيو، منهنجي زال ايتري ٿلهي آهي جو هڪ ڏينهن هن جو وزن ڪرائڻ لاءِ وٺي ويس، جڏهن هوءَ مشين تي چڙهي، تہ مشين مان هڪ ٽڪيٽ نڪتي جنهن تي لکيل هو. ٻنهي مان هڪ شخص هتي وڃي.

***

هڪ دوست ٻي دوست وٽ گهوڙو امانت ڇڏي سفر تي ويو. واپس اچي هن گهوڙو گهريو تہ دوست چيس اهو تہ بيماري ۾ مري ويو.

امانت ڏيندڙ هڏا ڏسڻ جو خواهش ڪئي.

دوست ڪيس هڪ ڍڳي جو لاش ڏيکاريندي چيو، "هي توهان جو گهوڙو آهي"

مسافر دوست: پر هن کي تہ سڱ آهن.

دوست: هن کي سڱن جي تہ بيماري ٿي هئي. تڏهن تہ مري ويو.

***

هڪ ڇوڪر ڪوڙ ڳالهائي رهيو هو. ان جي ماءُ ڪيس سمجهائيندي چيو. پٽ ڪوڙ ڳالهائڻ سان مٿي تي سڱ نڪري ايندا آهن.

ڇوڪر چيو: امان مونکي ڪوڙ کان ڊيڄارڻ لاءِ توهانکي ايڏو ڪوڙ ڳالهائڻو پيو. پوءِ.

***

هڪ ڇوڪر پنهنجي ڏاڏي کي چيو تہ افسوس آءٌ امتحان ۾ اهو لکڻ وساري ويٺس تہ فرانس، چين ۽ جپان ڪٿي آهن؟

ڏاڏا چيس: انڌا، آءٌ ڪيترا دفعا توکي چوندي آهيان تہ پنهنجون شيون سنڀالي رکندو ڪر.

***

پيءُ (پٽ کي) مون ٻڌو آهي تہ گڏھ تنهنجو تڪيہ ڪلام بڻجي ويو آهي.

پٽ: بابا اهو بلڪل غلط آهي. توهان کي اهو ڪهڙي گڏھ ٻڌايو آهي.

***

پٽ (پيءُ کي) اڄ مون تي اسڪول ۾ ڏنڊ پئجي ويو.

پيءُ: اهو ڪيئن.

پٽ: آءٌ ڪلھ اسڪول ۾ ليٽ ويو هوس.

پيءُ نالائق مون توکي اسڪول ۾ پڙھڻ لاءِ موڪليو آهي يا ليٽڻ لاءِ.

***

هڪ ويچارو گوناتو عرب غمگين ويٺو هو. اوچتو هن جو هڪ گوناٺو دوست اچي ويو ۽ غم جو سبب پڇيائين ھن جواب ڏنو. منهنجي پٽ جو هارٽ فيل ٿي ويو آهي. اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو.

گوناٺي دوست وراڻيو: ياءُ ان ۾ روئڻ جي ڪهڙي ڳالھ آهي، خدا گهريو تہ ايندڙ سال پاس ٿي ويندو.

***

گراهڪ: توهان وٽ صابڻ آهي.

گراهڪ: ٽوٿ پيسٽ آهي.

دڪاندار: جي نہ.

گراهڪ سرمو آهي.

دڪاندار: نہ.

گراهڪ (دل ۾ ڪامي) تالو آهي.

دڪاندار: (خوش ٿي) جي ها.

گراهڪ: پوءِ دڪان کي اهو ٻالو لڳائي وڃي آرام ڪر.

***

هڪ بادشاه پنهنجي درباري مسخري کي خوش ڪرڻ لاءِ هڪ گهوڙو ڏنو گهوڙو تمام ڪمزور ۽ نحيف هو مسخرو گهوڙي تي چڙهي هڪ طرف روانو ٿيو.

بادشاه پڇيس: ڪيڏانهن ٿو وڃين.

جواب ڏنائين، حضور جمع جي نماز پڙهڻ.

بادشاه: مگر اڄ تہ سومر آهي.

مسخري گهوڙي تان لهي هٿ ٻڌي چيو، حضور هي گهوڙو جامع مسجد تائين جمع ڏينهن پهچندو.

***

هڪ اداڪاره پنهنجي ساهيڙي کي چيو: تو ٻڌو جڏهن فلم ۾ منهنجي موت جو سين آيو تہ ماڻهو زار قطار روئڻ لڳا.

ساهيڙي: ماڻهو انهيءَ ڪري روئي رهيا هئا جو انهن کي خبر هئي تہ توکي نقلي نموني ۾ مرڻو آهي، ٻي فلم ۾ وري جيئري باسلامت هونديءَ.

***

مڙس (زال کي) مون رات خواب ۾ ڏٺو آهي تہ، آءُ ڪنوا
تي ويو آهيان.
زال (جذباتي نموني ۾) هاءِ هاءِ توهين ٿا ٿيو ڪنوارا خ
ڪري تہ آءٌ بيوه ٿي وڃان.

***

هڪ ڪيس دوران ٻن وڪيلن جو عدالت ۾ جهيڙو ٿ
پيو. هڪ چيو، هن دنيا ۾ توجهڙو بيوقوف ٻيو ڪوبہ نہ هوند
ٻي ڪاوڙ ۾ اچي چيو: توکان وڌيڪ بدتميز ۽ بيڪ
انسان بہ ڪونہ هوندو.
جج يڪدم ٽيبل تي آواز ڪندي چيو، آرڊر آرڊر توه
کي خبر نہ آهي تہ آءٌ بہ هتي موجود آهيان.

***

هڪ فقير چوٿين منزل تي بيٺل ماڻهو کي اشارو ڪيو،
ويچارو هيٺ لهي آيو. جڏهن ويجهو آيو تڏهن فقير چيس، ب
خدا جي نالي ڪجهہ ڏي.
اهو شخص بہ سمجهو هو. سو فقير کي وٺي چوٿين م
تي ويو ۽ چيائينس. بابا معاف ڪر.

***

هڪ پهلوان هڪ ٻلي کي لڪس سان وهنجاري رهيو ه
اوچتو هڪ شخص اتان لنگهيو، تنهن هن کي چيو، پهلوان
ڇا ٿو ڪرين. ٻلي ٿو مارين.
جواب ڏنائين. سائين هيءَ پهلوان جي ٻلي آهي ڪ
مرندي واپسي ۾ ان شخص ٻلي مئل ڏيري تي ڏٺي پهلوان
چيائين. يار ڏنئي ٻلي ماري وڌئي.

پهلوان جواب ڏنو: وهنجاربندي نہ پر نيوڙيندي مري وئي.

***

هڪ شخص ٽنڊومحمدخان گهمڻ ويو، اتي پهچي هڪ ماڻهو
ي کهلي تي هٿ رکي پڇيائين. يائو، هي ٽنڊومحمدخان آهي.
هن شخص وراڻيو. نہ يائو هي منهنجو ڪلهو آهي.

***

پيءُ ڪاوڙ مان (پٽ کي) مون پنهنجو عيش آرام قربان
ڪيو. گڏه وانگر ڪم ڪري هڪ هڪ پئسو گڏ ڪيم جيئن
ڪي ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخل ڪرايان. هاڻي حڏهن تون
ڪٽر بنجي ويو آهين تہ تو ۾ ايڏي همت جو مون کي سگريٽ
پيئڻ لاءِ چئي رهيو آهي.
چا مون ان لاءِ توکي ڊاڪٽري پڙهائي هئي.

***

وتائي فقير کي (جيڪو اصل نصرپور جو وينل هو)
هڪ دفعو ماڻس چيو، ابا ڪتان ٽاندو ڪٽي اچ.
وتايو ڳولي ڳولي رلي آيو، ماڻس کي چيائون ٽاندو تہ
ڪٽي ئي نہ آهي.
ماڻس ڪاوڙ ۾ چيو: پوءِ دوزخ مان ئي ڪٽي اچين ها.
وتائي جواب ڏنو تہ: امان! اتي تہ هرڪو پاڻ سان ٽاندو
کڻي ويندو.

***

هڪ شخص چورن جي خوف کان هڪ روپيو هڪ ڪپڙ جي
ڙ ۾ پوري ان جهنگل ۾ ويو، ڪانئون ڪري موٽيو ڏٺائين تہ
ڪنهن ان ڪپڙ کي پاڻ ٽائين ڪوٽي ڇڏيو هو. هن شخص خيال

ڪيو تہ چگو ٿيو. اهو رپيو مون وٽ نہ هو نہ تہ مون سان بہ اهو حال ٿئي ها.

***

مئجسٽريٽ هڪ نشي ۾ مست ڏوهاري کي چيو، آءٌ پيهر توکي هتي ڏسڻ نٿو چاهيان، سمجهئي.

ڏوهاري لڏندي چيو: سمجهي ويس، شايد حضور جن هيءَ نوڪري ڇڏي رهيا آهن.

***

ڊاڪٽر مريض کي رازداراني نموني ۾ چيو، توهان کي اڪيورٽ اپن ڊي سائنٽ آهي، آءٌ آپريشن ٿئيٽر وارن کي تياري جو حڪم ڏيان ٿو.

مريض: جيڪا هڪ ڇوڪري هئي انگريزيءَ کان ناواقف هئي. تنهن چيو. ڊاڪٽر صاحب آءٌ هتي علاج ڪرائڻ لاءِ آئي آهيان، پنهنجي حسن جي تعريف ٻڌڻ ڪونہ. مون کي ڪنهن ٿيئٽر يا فلم ۾ ڪم ڪرڻ جو شوق نہ آهي.

***

ڪنهن شخص مجنون کان پڇيو "خلافت حضرت امام حسين رضہ جو حق هو يا يزيد پليد جو"

مجنون جواب ڏنو: جيڪڏهن سچ پڇو تہ اهو حق ليلي جو آهي.

***

هڪ بکيو قاضي جي گهر ويو. ۽ چوڻ لڳو. آءٌ بکيو آهيان مون کي کائڻ لاءِ ڪجهہ ڏيو.

جواب مليس تہ: هي قاضي جو گهر آهي، قسم کاءُ ۽

هلبو وجي.

***

هڪ دفعو برطانيہ جي يهودي وزيراعظم ڊزرائلي پارليامينٽ ۾ دعويٰ ڪئي تہ هو حضرت سليمان عليہ السلام جي اولاد مان آهي.

هن جو حريف گليڊاسٽون يڪدم اٿي پڇيو. ڪهڙي زال مان؟

***

هڪ امير واپاري جڏهن ڪيترن ملڪن جو سير ڪري واپس آيو تہ سندس دوست ڪانئس خبرون چارون وٺڻ ريا.

هڪ پڇيس، ادا تو جن ملڪن ۾ سير ڪيو اتي تو کي ڪٿي غريبي ڏسڻ ۾ آئي. واپاري ٿڌو ساه کڻي جواب ڏنو. نہ صرف نظر آئي پر هتي تائين مون سان گڏ آئي آهي.

***

صدر آمريڪا ڊائٽ ڊي آئزن هاور چيو: جڏهن آءٌ اسڪول ۾ پڙهندو هوس تہ هڪ دفعو پي ٽي ماستر پڇيو، تون وڏو ٿي ڇا ٿيندين.

مون جواب ڏنو. مشهور پهلوان يا سائين توهان...

ماستر جواب ڏنو. صدر آمريڪا.

پر افسوس جو اسان ٻنهي جي آرزو پوري نہ ٿي.

***

هڪ هنڌ ٿي موالي دوست اچي پاڻ ۾ گڏيا. هڪ چيو يار جي ڪڏهن ڪراچي جي سمنڊ ۾ باه لڳي وڃي تہ هيتريون مڇيون ڪڏانهن وڃن؟

ٻي چيو: يار تون تہ ڪو چريو آهين، اهي يڪدم وڻن تي چڙهي وڃن.

ٽي چيو: توهين ٻئي بيوقوف آهيو، ڇا اهي ڏڳيون ۽ مينهون آهن ڇا، جو وڻن تي چڙهي ويندريون.

***

نفسيات جي پروفيسر پنهنجي غمگين شاگرد کي چيو انسان جي زندگي پاڻي جي ڦوٽي مثل هوندي آهي. ان ڪري هر وقت کلڻ جي ڪوشش ڪر، هي کل پوڳ دنيا جي غمن ۽ مصيبتن جو ڇوٽڪارو آهن.

شاگرد اها ٿيوري ٻڌي ماٺ ۾ رهيو. ڪجهہ ڏينهن بعد پروفيسر جو اڪيلو پٽ گذاري ويو. پروفيسر ان صدمي ڪري بيهوش ٿيڻ جهڙو ٿي ويو. شاگرد ان وقت موجود هو. جنهن آهستي چيس. ڇو سائين پريڪٽيڪل ۽ ٿيوري ۾ ايترو فرق!

***

بزرجمهر کان ڪنهن پڇيو: آخر تو جهڙي مدبر ۽ عاقل جي هوندي ساساني خاندان ڪيئن تباهہ ٿي ويو. جنهن تنهنجي عقل دانش جو دنيا ۾ جواب نہ آهي،

بزرجمهر جواب ڏنو: ان جا ٻہ سبب هئا، هڪ سبب اهو هو جو سب ساساني وڏو وڏو ڪم ننڍن تي ڇڏي ڏيندا هئا. ننڍن ۾ وري عقل گهٽ هوندي هئي. ٻيو سبب اهو آهي جو هن خاندان اهل علم ۽ دانشن جي حوصلي افزائي نہ ڪئي، سب ڪم عورتن ۽ ٻارن تي ڇڏي ڏيندا هئا ۽ اهو ئي سبب ان قوم جي زوال جو هو.

***

شيخ چلي هڪ ڏينهن جهنگل ۾ وڻ تي چڙهي ساڳي ٽاري وڍي رهيو هو. جنهن تي هو ويٺل هو ته اتان هڪ ماڻهو جو گذر ٿيو. جنهن کيس ڏسي چيو، "تون، ڪري پوندين" شيخ چلي جواب ڏنو ته توکي ڪهڙي خبر، واقعي ته هليو اڳتي، اوچتو ان ٽاريءَ ٽڪاءُ ڏنو جنهن تي شيخ چلي ويٺو هو. اهاه حالت ڏسي شيخ چلي واٽهڙو کي درويش سمجهي ان جي پيرن تي وجهي ڪريو ۽ چيائين.

"اي بزرگ توکي جي منهنجي ڪرڻ جي خبر پئي ته توکي اها به خبر هوندي ته آءٌ مرندس ڪڏهن هاڻي مهرباني ڪري مونکي ٻڌاءِ.

واٽهڙو سمجهي ويو ته هي درويش آهي سوچيائين آءٌ ائين ٺورٺي ٻڌائيندس، پهرين به سؤ روپيا ڪٽي اچ.

شيخ چلي ڊوڙي گهر رکيل سڄي زندگي جي پونجي به سؤ روپيا کڻي واٽهڙو وٽ آيو.

واٽهڙو کيس هڪ ڏاڳو وٺي ڏيندي چيو، جڏهن هي ٽٽي ٺڏهن سمجهج ته تون مري ويو آهين.

آخر هڪ ڏينهن کيس هڪ ڏاڳو به اچي ٽٽو ۽ شيخ چلي رڙ ڪري ماءُ کي چيو. امان آءٌ مري ويس. هاڻي منهنجي ڪفن دفن جو بندوبست ڪر.

ماءُ چيو: پٽ تون اڃا جيئرو آهين. پر شيخ چلي ضد ڇڏي ئي نه، آخر هن کي وهنجاري قبرستان ڏي وٺي هليا، اتي ماءُ هن لاءِ قبر ۾ هڪ دري رکائي دعا پڙهي پڻ ساٿين سان موٽي.

***

هڪ دوست ٻي کي، يار هي چنڊ تي وري گم ٿي وڃي ٿو سو ڇو؟
ٻيو دوست: واه اها توکي خبر نہ آهي تہ ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري تارا ناهيا وڃن ٿا.

***

هڪ ڪاڌي کائڻ جي مقابلي ۾ هڪ ماڻهو چار پليٽون شامي ڪواب، ويهہ مانيون، اڌ ڪڪڙ کائي پهريون نمبر انعام حاصل ڪيو. ان بعد پنهنجن دوستن سان ڳالهائيندي کين چيو، اها ڳالهہ سندس زال سان نہ ڪن متان هوءَ رات جي ماني بند ڪري ڇڏي ۽ هو بک برداشت نہ ڪري سگهندو.

***

مالڪ پنهنجي نوڪر کان پڇيو. آخر تنهنجي پوٻان کهڙيون ڪمپنيون آهن.
نوڪر جواب ڏنو: سائين سوئي گئس ڪمپني، واپڊا ڪمپني، پاڻي واري ڪمپني وغيره وغيره.
مالڪ اهو ٻڌي سدس پگهار وڌائي ڇڏي.

***

هڪ ننڍڙي ٻنگر ٻن چڱن ماڻهن کي هٿ ٻڌي عرض ڪيو. جيڪي هڪ پارڪ ۾ ويٺل هئا، توهين جي مون کي پنج رپيا ڏيو تہ آءٌ پنهنجي ماءُ پيءُ سان وڃي ملندس.
جوڙي يڪدم رحم آئي ۽ ان کي پنج رپيا ڏنا ۽ هڪ جڻي کانئس پڇيو، پٽ تنهنجا ماءُ پيءُ ڪٿي آهن؟
ڇوڪر هٿ ڪٽي اشارو ڪندي چيو. سامهون فلم ۾.

***

مالڪ (نوڪر کي چيو) ٻاهر نڪري ڏس برسات ته ڪانهي.
نوڪر: سائين ٻلي کي هٿ لائي ڏسو، آلي هوندي ته
مجهو برسات آهي.

***

مالڪ گهوڙو هڪ ڳوناٺي کي ڏيندي چيو، هن کي پاڻي
ڪاري اچ. ٿوري دير بعد ڳوناٺو موٽي آيو، مالڪ پڇيو،
هوڙي کي پاڻي پياري آئين، جواب ڏنائين، سائين توهان ته چيو
ر خالي پاڻي ڏيکاري اچجان.

***

هڪ رئيس نوڪر کي چيو: مون کي اهڙي ڳجهارت ڏي
و ذڪ ۾ پڇي وجان، نوڪر سوچي چيو.
سائين مياؤن مياؤن ڪردي هي چلهه. نال ڦرندي آهي
ايو ڇا آهي.
رئيس جواب ڏنو: "ڪڪڙ"
نوڪر چيو: سائين توهان جي ٻذل آهي.
رئيس جواب ڏنو. عقل دي ڏوڙ ڪيني همر.

***

هڪ ٻروچ هڪ واڻئي کي جهنگل ۾ ڦري آيو ۽ چيائين
ڪلمو پڙهه نه ته تنهنجي حياتي ختم آهي.
واڻئي گهڻيون لاهيون چاڙهيون ورتيون پر ٻروچ پنهنجي
ند تان نه لٿو. آخر واڻئي چيو: سائين توهين ڪلمو ٻڌايو.
ٻروچ اهو ٻڌي چيس وڃ وڃ تنهنجي حياتي وڏي آهي
ڪلمو مون کي به ڪونه ٿو اچي.

***

هڪ زال روئي مڙس کي چيو: تو وٽ منهنجو ڪوبہ قدر نہ آهي. سرخي اٿم تہ پائوڊر ڪونهي ڏبي آهي تہ ڪجل ڪونهي چولو آهي تہ باوڊر ڪونهي.

مڙس ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو: چري سياڳي آهين مون وٽ تہ کيسو آهي پر ان ۾ پئسو نہ آهي.

***

هڪ گراهڪ ڌوبيءَ وٽ ڪاوڙ ۾ ويو ۽ چيائينس تہ "اڄ منهنجي شرٽ ڳولي ڏي يا پئسا ڀري ڏي.

ڌوبي ويچارو اڌ ڪلاڪ نائين ڳوليندو رهيو. آخر نراڙ سان پگهر اگهندي چيائين. توهان جي شرٽ جو رنگ ڪهڙو هو.

مالڪ جواب ڏنو تہ اڳي تہ پيلي هئي. هاڻي خبر نہ آهي ڪهڙي هوندي.

***

ليڪچرار: ڇا اتفاق سٺي شيءِ آهي.

شاگرد: سائين نہ.

ليڪچرار ڇو تہ.

شاگرد: سائين اتفاق سان بہ بسون ڪالهہ پاڻ ۾ ٽڪرجي پيون ۽ ڪيترائي مسافر مري ويا.

***

استاد (شاگرد) تو مئٽرڪ ڪهڙي ڊويزن ۾ پاس ڪئي آهي.

شاگرد: ڪراچي ڊويزن ۾.

***

اسـ ـد: توهان گوڙ ڇو ڪري رهيا آهيو؟ ڇا توهان ۾ شرافت نہ آهي.

شاگرد: سائين هو پاڻي پيئڻ ويو آهي.

***

عرس: ايوب اُس ۾ ڇو بيٺو آهين؟

ايوب: يار پگھر پيو سڪايان.

***

بيوقوف بازار ۾ ساٿي نه ڪتجي ساڻ

هڪ پوڙهيءَ کي هڪ لاڏلو پٽ هوندو هو. سو اهڙو ته بيوقوف هو جو هن جهڙو ڳوٺ ۾ ٻيو نه هو هڪ ڀيري ڳوٺ ۾ گهمندي هن، کي هڪ لاش ڏسڻ ۾ آيو جيڪو قبرستان ڏي ويندو ڏسي هن ويجهو وڃي چيو: شال وري ٻيا لاش ڳڻو اتي ماڻهو هتان مار ڪائي گهر موٽيو ۽ ماءُ کي سڄي حقيقت ٻڌايائين، جنهن چيس ته جيڪا توکي چوڻ کپندو هو ته شل آرام سان قبر ۾ سمهي. ٻي ڏينهن وري ڳوٺ ۾ ريو ته هڪ جڃ ڏسي چوڻ لڳو. شل آرام سان قبر ۾ سمهي

اتان مار ڪائي واپس گهر پهتو ته معلوم ٿيس ته ڪيس چوڻ گهربو هو. آءُ جڃ ڏسي گهڻو خوش ٿيو آهيان.

ٻي ڏينهن هڪ گهر کي ٻاه لڳل ڏسي ڊوڙي اتي پهتو ۽ وڏي آواز سان چوڻ لڳو. آئون هيءَ ٻاه ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. وري به ٻاڙي وارن هتان موچڙا ڪائي گهر پهتو. ماءُ ٻڌايس ته توکي هنن سان ٻاه وسائڻ ۾ مدد ڪرڻ کپي ها.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هلڻ گهمڻ جهڙو ٿيو ته ٻاهر نڪتو ۽ هڪ ـچي شادي جي دعوت لاءِ ٻاه ٻاري رهيو هو هن بيوقوف جهڙپ ڪري هڪ بالٽي کوه مان ڀري ڪني ٻاد تي وڌي، هن ڀيري اهڙي مار ڪاڌائين جو گاڏي ۾ پان ڪڻائي گهر

پهتو، ان ڏينهن بعد وري ڪهران نہ نڪتو.

***

هڪ چريو درياءَ ۾ مڇي جهلڻ لاءِ ديگڙي ۾ ڪانٽو وجهي ڪافي دير ويٺو رهيو.

هڪ ڊاڪٽر پڇيس: ڇا پيو ڪرين.

چرئي جواب ڏنو: مڇيون پيو جهليان.

ڊاڪٽر پڇيس: ڪيتريون مڇيون جهليون اٿئي.

جواب ڏنائين: چريو آهين ڇا ڪڏهن ڊيگڙي ۾ بہ مڇيون جهلبيون!!

***

ڊاڪٽر گهر مان نڪري، توهين ڪيڏا نہ جاهل آهيو جو مون کي آرام ڪرڻ نٿا ڏيو. توهان کي خبر نہ آهي تہ منهنجي ملاقات جو وقت ٨ وڳي کان ٦ وڳي تائين آهي.

مريض: حضور مون کي توهان جي وقت جي خبر آهي پر ڪتي جنهن مون کي چڪ هنيو. اهو ان پڙهيل هو.

***

مالڪ (نوڪر کي) ڏس جيڪڏهن تو ڪم نيڪ نہ ڪيو تہ آءُ ٻيو نوڪر رکندس.

نوڪر: حضور توهان کي خدا سلامت رکي ضرور رک ڪم واقعي ٻن ماڻهن جو آهي.

***

هڪ امير ماڻهو ڳوناڻي نوڪر کي حڪم ڏنو. ٽڪ ڊا ڪٽي اچ نوڪر هيڏانهن هوڏانهن ڦري آيو ۽ چيائين تہ سائين ٽڪ دان تہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

مالڪ ڪاوڙ ۾: هو ڏس سامهون پيو آهي.

نوڪر ٿڪداڻ وت وجي چيو: حضور هن ۾ ته ڪنهن نوڪ ٽڪي چڙهيو آهي.

مالڪ نوڪر کي: آءُ توکي نٿو رکي سگهان.

نوڪر: حضور مون ته ڪجهه نه ڪيو آهي.

مالڪ: مون کي ڪجهه نه ڪندڙ نوڪر جي ضرورت نه آهي.

***

هڪ ڏوهاري کي بجلي جي ڪرسي تي ويهاري موت جي ڏني پئي وئي.

انسپيڪٽر ڏوهاري کان پڇيو بڏاءِ تنهنجي آخري خواهش ڪهڙي آهي؟

ڏوهاري جواب ڏنو. منهنجي آخري تمنا اها آهي ته هن سيٽ تي منهنجي بدران توهين ويهو.

***

جج (ملزم کي) تنهنجي عمر ڪيتري آهي.

ملزم: ٢١ سال.

جج: تون ڇهه ست دفعا گرفتار ٿيو آهين پر تنهنجي عمر ته ٢١ سال رهي آهي.

ملزم: حضور شريفن جي زبان هڪ ئي هوندي آهي

***

پوليس وارو چور کي: تو جي ڪوڙ ڳالهايو ته تو کي خبر ڪيڏانهن ويندين.

چور: ها سائين دوزخ ۾ ويندس.

پوليس وارو: جي سچ ڳالهائي ته.

چور: حضور جيل ۾.

***

هڪ ڳوناٺي عورت ڊاڪٽر وٽ وئي، ڊاڪٽر عادت م
ٿرماميٽر لڳائي بخار ڏٺو ۽ پڻي تي نسخو لکي ڏنو ع
ڪاغذ ڪٽي اٿي هلي. ڊاڪٽر ڪيس رڙ ڪري چيو توهار
ڪونہ ونندا؟

عورت جواب ڏنو. مون سمجهيو تہ هن تعويذ ما
فائدو ٿي ويندو.

***

ڊاڪٽر (مريض کي) مون کي چوندي شرم ٿو اچ
جيڪو چيڪ تو مون کي ڏنو هو، اهو بينڪ مان واپس
ويو آهي. اها ڪهڙي مسخري آهي؟

مريض: اهو بہ عجيب اتفاق آهي جنهن بيماري جو تو
علاج ڪري رهيا هئا ان جون سڀ نشانيون واپس اچي رهيون آ

***

هڪ شخص: منهنجي رڳن ۾ ايراني رت ڊوڙي رهيو آ
ٻيو شخص: ماءُ جي طرفان يا پيءُ جي طرفان.
ٽيون شخص: بلڊ بئنڪ جي طرفان.

***

نور احمد: توهان جو ڪو غريب مائٽ آهي.
هارون: هوندو، مگر آءُ ان کي ڪونہ سڃاڻان،
نور احمد: توهان جو ڪو امير دوست آهي.
هارون: هوندو ڪٿي پر اهو مون کي نٿو سڃاڻي.

***

پيءُ پٽ ريل ۾ سفر ڪري رهيا هئا. رستي ۾ پيءُ کي ننڊ اچي وئي. پٽ کي خبر ڪونہ هئي ڪٽي لهبو سو پيءُ کي اٿارڻ لڳو. پٽس ويلندي چيو بيگم تنگ نہ ڪر. جيترا پئسا کپن ڪيسي مان ڪڍي وٺ.

***

هڪ ٻهراڙي واري شهري کان پڇيو، ريل گاڏي ايندي ڦاٽڪ ڇو ٿا بند ڪن؟

شهري جواب ڏنو: متان گاڏي شهر ۾ نہ هلي وڃي.

***

هڪ شخص پنهنجي دوست کان پڇيو "تنهنجو پٽ ڪراچي قسمت آزمائڻ ويو هو، هاڻي مالي حالت ڪيئن آهيس.

ان شخص جواب ڏنو: ٻي تہ مون کي خبر نہ آهي. البت حڪومت کيس گرفتار ڪرڻ لاءِ ١٠ هزارن جو انعام رکيو آهي.

***

ٻن ماڻهن ۾ تڪرار شروع ٿي ويو. هڪ چوي تہ شينهن بيدا ڏيندو آهي. ٻيو چوي تہ ٻچا ڏيندو آهي. اينري ۾ اتان هڪ ماڻهو لنگهيو جنهن هنن جو جهڳڙو ٻڌي چيو: ڀهريائين مون کي ٢٠ روپيہ ڏي، پوءِ ٻڌائيندس ڇو تہ آءٌ وڪيل آهيان.

ٻنهي جڻن ڏهہ ڏهہ رپيا ڪري هن کي ڏنا. پتسا وٺي چيائين شينهن جهنگل جو بادشاهہ آهي، ان جي مرضي آهي تہ بيدا ڏئي يا ٻچا ڄڻي.

***

هڪ شخص پنهنجي پٽ نالي "اسلام" سان حج تي وڃي رهيو هو. بندرگاهہ تي هن پٽ کي ڪنهن ڪم سان موڪليو

هڪ ڪلاڪ گذري ويو پر هن جو پت نہ آيو. آخر جهاز هلڻ وقت هن زور سان سڏ ڪيو "اسلام" ماڻهو جيڪي جذبات ۾ پربل بينا هئا تن جواب ۾ نعرو هنيو "زنده باد"

***

اسناد: سال ۾ ڪيترين موسمون هونديون آهن.
هڪ شاگرد " سائين چار.
اسناد ڪهڙيون ڪهڙيون.
شاگرد: اليڪشن، هڙتال، رانديون، امتحان.

***

هڪ شخص هڪ عورت ڏٺي جيڪا هڪ نئين قبر تي پنکو هڻي رهي هئي، هن شخص عورت کان پڇيو. خاتون هي تون ڇا پئي ڪرين؟
-عورت جواب ڏنو. هي منهنجي مڙس جي قبر آهي جنهن سان مون وعدو ڪيو هو تہ جيستائين تنهنجي قبر خشڪ نہ ٿيندي تيستائين ٻي شادي نہ ڪندس.

***

هڪ ٻوناٽو ڳاهَ جي ڀري ڪٺي شهر وچي رهيو هو تہ ڳس ۾ هڪ شهري اچي ساڻس ٽڪريو.
شهري چيس: ساري.
ٻوناٽي جواب ڏنو: ساريون نہ آهن، ڳوار جو ڳاهہ آهي.

***

هڪ شخص: هڪ جاسوسي ادب جي مصنف کان پڇيو تہ تنهنجي هر ناول ۾ مجرم ڇهن سٺن ڳولين بعد مري ٿو ڇو؟
مصنف چيو: منهنجو ناشر مون کي في صفحو هڪ رپيو

ڏيندو آهي. جيڪڏهن هڪ گولي سان اڳ مجرم کي پورو
ڪري ڇڏيان ته پنج سؤ صفحن جو ناول ڪيئن ٿيندو؟

***

هڪ ڳوناٺو نئون ريڊيو خريد ڪري آيو. جڏهن گهر
وڃايائين ته آواز آيو. "هي ريڊيو پاڪستان آهي" هو ريڊيو
کڻي ڊوڙندو دڪاندار ڏي ويو ۽ ڪيس چيائين تو چيو هو ته
ريڊيو ولائتي آهي، پر هي پاڻ چوي ٿو اڳ ريڊيو پاڪستان
آهيان.

***

هڪ بار ڊوڙندو پنهنجي ماءُ وٽ آيو ۽ چيائين موکي
چار آنا ڏي. هڪ غريب ماڻهو گهٽي ۾ آواز ڏيئي رهيو آهي
اڳ ان جي مدد ڪندس.

ماءُ همدردي سان پڇيو، ڪهڙو آواز پيو ڏي؟

ڇوڪري انجو نقل ڪندي چيو: آئس ڪريم آئس ڪريم

***

دڪاندار هڪ خاتون کي مڙس لاءِ ڪيتريون قميص
ڏيکاريون، پر هن جي ماپ جي ڪابه قميص نه نڪتي
ٿڪجي دڪاندار چيو: محترم توهان جي مڙس جي ماپ جي
قميص توهان کي سڄي شهر ۾ ڪونه ملندي.

عورت ڪڪ ٿي چيو: پوءِ ٻڌايو اڳ ڇا ڪريان؟

دڪاندار جواب ڏنو: اهو ٿي سگهي ٿو ته توهان
تبديل ڪريو.

پورو ٿيو

احمد

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڇوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳَر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَــنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَـن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

ٻَنَن کي ڳُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليڪڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پڙهڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پڙهڻ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پڻ ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پڙهڻ پڙهڻ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)